# نرنجن هيراننداٹي

## مئنيجنگ ڊائريڪٹر

## هيراننداٹي ڪنسٹرڪشنس پرائيويٹ لميٹيڊ



Niranjan Hiranandani
Eminent Builder & Real Estate Developer,
*Managing Director ,* Hiranandani Constructions Pvt. Ltd.

ورهاڱي جي راڱن جو سڀ کان وڌيڪ بدترين شڪار سنڌي هندو بڻيا. ان وقت سموري جاتي پنهنجي وجود لاءِ جدوجهد ڪندي هڪ اهڙي مقام تي پهتي جو ڪجهه وقت تہ اِئين پئي محسوس ٿيو تہ ڪٿي مستقبل ۾ اَسين صرف تاريخ جا صفحات بڻجي نہ رهجي وڃون!

اَسان جي بزرگن کي آفرين آهي، جن ثابت قدميءَ سان نہ صرف پاڻ کي آرٿڪ طور مضبوط ڪيو، پر پنهنجي پراچين سڀيتا کي پڻ سانڍي رکيو. هيترا سال گذرڻ بعد اها ساڳي جوابداري هينئر نوجوان ٽهيءَ جي ڪلهن تي آهي.

اَڄ اَسان جي سنڌي ٻولي، سنڌي سڀيتا، سنڌي روايتن ۽ سنڌي سڃاڻپ جي بچاءَ لاءِ هڪ للڪار اَسان جي نوجوانن جي سامهون آهي؛ جن ان للڪار کي سويڪار ڪيو، انهن مان هڪ اَهم شخصيت آهي شري نرنجن هيراننداڻي.

**نرنجن هيرانندا ڻي**، حيدرآباد (سنڌ) نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جو پريزيڊنٽ آهي؛ بيشمار N.G.O.s سان جُڙيل آهي ۽ دنيا ڀر جي مشهور ڊاڪٽر،

پدم ڀوشڻ ايل. ايڇ. هيرانندا ڻيءَ جو سپتر ۽ ڊاڪٽر نوين هيرانندا ڻيءَ جو ڀاءُ آهي...

**جوَهراڻي:** **نرنجن! توهان جي خاندان ۾ ڊاڪٽري پيشي کي وڏيڪ اَهميت ڏني ويئي آهي. پوءِ اهو سلسلو ٽوڙيندي توهان بزنس جي ڪيتر ۾ ڪيئن آيا؟**

**نرنجن:** ڊاڪٽري پيشي ۾ منهنجو ڊيڊي هئو؛ وڏو ڀاءُ هئو! مون کي لڳو تہ هاڻ اُتي منهنجي ڪا ضرورت ڪونہ آهي. جيتوڻيڪ اُن مهل مون کي اهو خيال نہ آيو تہ خود ميڊيڪل فيلڊ ۾ بہ اَنيڪ برانچز آهن. سرجيڪل آهي ۽ ٻيا بہ ڪيترا ڪيتر آهن. ننڍي عمر ۾ هڪ Impression هئو، تہ هاڻ وڏو ڀاءُ اُتي اَچي ويو آهي، جيڪو اَڪيڊمڪ طور زبردست هوشيار آهي؛ تڏهن مونکي لڳو تہ آءٌ اُن جي درجي تي پهچي ڪونہ سگهندس. تنهن ڪري مون ڪامرس ڪٽي چارٽرڊ اَڪائونٽنسي ڪئي. پوءِ اُن ڪيتر جي لحاظ کان آءٌ بزنس ۾ هليو ويس.

**جوَهراڻي:** **توهان جو جنم ڪٿي ٿيو؟**

**نرنجن:** هتي بمبئيءَ ۾ ٿيو.

**جوَهراڻي:** **توهان جڏهن ننڍي هوندي سانپر ۾ آيا تہ پنهنجي گهر اَندر سنڌي ماحول جي ڪهڙي جهلڪ ڏٺوَ؟**

**نرنجن:** اَسان جي گهر ۾ Mother واري سائيڊ کان گهڻو ڪري سڀ Religious ماڻهو هئا ۽ ڪين سنڌ سان ۽ سنڌي ٻوليءَ سان هڪ خاص لڳاءُ رهيو آهي. Dady واري سائيڊ کان ڏسبو تہ هوُ ديش وديش ۾ گهمندا رهندا هئا. اُن سبب ڪري هندي ۽ اِنگلش ٻولي؛ ٻيئي اَسان کي ملنديون رهيون!

اِسڪولنگ وري ڪانوينٽ ۾ ٿي. ان سبب مون کي اَرمان رهجي ويو تہ مان جيتري سنڌي ٻولي سکيو هوس، جيڪڏهن اُن کان بہ ڪجهہ اَجا وڌيڪ سکان ها، تہ جيڪر وڌيڪ آنند اَچي ها.

**جوَهراڻي:** **توهان ڪپڙي جو بزنس ڪندي ڪنسٽرڪشن فيلڊ ۾ ڪيئن آيا؟**

**نرنجن:** نہ! پهرين اَسين Textile ۾ وياسين؛ پوءِ ٿورو Food Stuff جو بہ ايڪسپورٽ ڪيوسين؛ ڪنسٽرڪشن لائين ۾ ڪجهہ اِنويسٽمينٽ

ڪئيسين. پوءِ ڪنهن سبب تڪليفون ٿيون ۽ ٽيڪسٽائيل بند ٿي ويئي، تہ اَسان کي پنهنجي فيلڊ بدلائڻي پيئي.

**جوَهراڻي:** **’هيراننداڻي ڪنسٽرڪشنس‘ جو بنياد ڪهڙي سال ۾ وڌو ويو؟**

**نرنجن:** اَسان ان ۾ پهرين اِنويسٽمينٽ تہ ١٩٧٩ - ١٩٧٨ع ۾ ڪئي؛ پر ١٩٨٩ع ۾ اُهو ‘Full Fledged Construction Business’ شروع ٿيو. جيتوڻيڪ پوءِ اَسان کي ٽيڪسٽائيل ۽ ڪجهہ ٻيا بزنس بہ هئا ۽ اَسان جو اَڌ ڌيان اوڏانهن بہ رهندو هئو.

**جوَهراڻي:** **’هيرانندائي ڪامپليڪس‘ پوائي جي حوالي ۾ توهان ممبئي ۾ ڄڻ هڪ نئون نگر وسايو آهي. توهان کي ان ويران زمين تي ايڏو وڏو پراجيڪٽ ٺاهڻ جو اَچانڪ خيال ڪيئن آيو؟**

**نرنجن:** مون پوائيءَ کان اَڳ لوکنڊوالا ڪامپليڪس ۾ ٻارهن جايون ٺاهيون هيون. مون جڏهن بہ هر بلڊنگ ٺاهي پئي، تہ مونکي هميشه خيال ايندو هئو تہ اَسان جون بلڊنگون تہ سٺيون ٿيون ٺهن، پر ايريا ايتري سٺي ڪونہ هونديهئي. اُتي روڊ ننڍا هئا، پاڻيءَ جي پوري سهوليت ڪونہ هئي. اُنهن تمام بلڊنگس اَندر هڪڙو بہ گارڊن ڪونہ هئو. تنهن ڪري مون کي هڪ اِڇا هئي تہ ڪجهہ اَهڙو ٺاهجي، جو پوري وِشوَ ۾ ماڻهن کي لڳي تہ هيءَ ڪجهہ ڀِنگ سان نهيل شيءِ آهي!

**جوَهراڻي:** **سو توهان اَهڙو شاندار پروجيڪٽ ڪرڻ ٿي چاهيو جنهن کي صدين تائين ياد رکيو وڃي!**

**نرنجن:** ها! ياد ڪيو وڃي! ٻيو ڇا هئو؛ جو اَسين جڏهن ولايت ۾ گهمڻ ويندا هئاسين، تہ ان مان اِئين لڳو تہ اَهڙو گهر ٺاهجي، جو خود ٻاهران بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اَچي تہ کيس اِئين لڳي تہ هيءَ هڪ سٺي جاءِ نهيل آهي!

**جوَهراڻي:** **دنيا سان قدم ۾ قدم ملائڻ لاءِ توهان جيجيڪا Concept هئي، اُن خواهش کي توهان ’هيرانندائي ڪامپليڪس‘ ٺاهي هڪ ورلڊ ڪلاس ڪم ڪري ڏيکاريو!**

**نرنجن:** رام! بلڪل صحيح ٿا چئو! ورلڊ ڪلاس!

**جوَهراڻي:** **ان نموني توهان پنهنجي ڪامپليڪس ۾ اَڄ جي دور جون سڀ بهترين سهوليتون بہ ڏنيون آهن!**

**نرنجن:** ها! اِسڪول ٺاهياسين! هڪ سؤ ايڪڙن ۾ گارڊن ٺاهياسين! Sewerage Recycling پاڻ ڪئيسين. اِنڊيا ۾ ڪنهن بہ پرائيويٽ Lay-out ۾ پهريون ڪانڪريٽ روڊ اَسان ٺاهيو.

اَسان هندوستان ۾ پهرين Mixed Township ٺاهي آهي. عام طور اُن ڪان اَڳ ريزيڊنشل ٽائون شپ ٿيندا هئا. ڪامرشل ٽائون شپ هوندا هئا. جيئن Ballard Estate ۽ ناريمين پائنٽ ڪامرشل آهن. ريزيڊنشل ۾ جيئن مالابار هِلآهي. پر هيءَ اِنڊيا ۾ هيڏي وڏي سائيز جي پهرين ٽائون شپ هئي، جنهن ۾ ريزيڊنشل ۽ ڪامرشل ڪاميابيءَ سان هڪ هنڌ گڏ (Combined ) ڪيا ويا!

**جوَهراڻي:** **هينئر توهان پنهنجي پتا صاحبن جي نالي ۾ هڪ هاسپيٽل ٺهرائي آهي. تازو ان جو اُدگهاٽن بہ ڪيو ويو. اُن هاسپيٽل جو خيال توهان کي ڪيئن آيو؟**

**نرنجن:** ٽي چار سال اَڳ اَسان بہ اِسڪول ٺاهيا هئا؛ تڏهن ويچار ڪيوسين تہ هڪ ننڍي وڏي ڪِلِنِڪ بہ ٺاهجي. پهرين ڏه پندرهن بيڊ جو ماسٽر پلان لاءِ ويچار هئو، تہ جيڪڏهن اُتي پوائيءَ ۾ ڪنهن کي Heart - Attack ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ اُن کي stabilize ڪيو وڃي. اَسان ان ويچار سان ڪم شروع ڪيو، پر جيئن جيئن ڪم شروع ٿيو تہ Ambitions بہ وڌندا ويا. آخر اَسان جي گهر ۾ بہ چيو ويو تہ هتي گهٽي بجيت وڏي ويندي! مالڪ ساڻ آهي! ٽوٽل اَسان جو ستن ڪروڙن جو پراجيڪٽ هئو. هينئر ڏيڍ سال اَندر ٦٥ ڪروڙ خرچ ڪري چڪا آهيون!

**جوَهراڻي:** **اَڃا بہ اُن کي اَوهين وڌائي رهيا آهيو؟**

**نرنجن:** ٿورو ٿورو وڌايون پيا! هڪ تمام Successful ۽ World-Class Hospital ٺهي آهي!

**جوَهراڻي:** **ڇا هن وقت توهان پوائيءَ ۾ 'هيرانندڻي ڪامپليڪس' کان علاوه ٻيا بہ ڪٿي ڪجهہ پراجيڪٽ ڪيو پيا؟**

**نرنجن:** اَسان جو ٻيو پراجيڪٽ ٽاڻي ۾ آهي! اهو به ساڍا ٽي سؤ ايڪڙن جو پراجيڪٽ آهي! ورسووا ۾ ننڍو پراجيڪٽ آهي. هينئر هڪڙو ننڍو پراجيڪٽ، چنائي (مدارس) ۾ به شروع ڪيو ويو آهي. ڪجهه هندوستان کان ٻاهر به اَسان ڪم شروع ڪيو آهي. دبئيءَ ۾ هڪ 92 Storey بلڊنگ آهي.

''It is the tallest residential tower in the world!''

**جوَهراڻي: دبئي ۾ گهڻن ٽاورس جو پروجيڪٽ آهي؟**

**نرنجن:** هينئر ته هڪڙو ئي ڪريون پيا. 1.2 million sq. ft جي ايريا ۾ اها هڪ ئي بلڊنگ آهي!

**جوَهراڻي: هندوستان کان ٻاهر نڪرڻ جو سبب؟ ڇا هتي هينئر ڪنسٽرڪشن جي ڪم ۾ نفعو ڪونهي؟**

**نرنجن:** ڇا آهي ته هتي اِنڊيا ۾ ڪجهه Limitations آهن! گورنمينٽ جون ڪجهه Conditions به اَهڙيون آهن، جو هينئر بمبئيءَ ۾ ايتري اوُچي عمارت جي اِجازت ئي ڪونه پيئي ملي. ٻيو ته اَسان چاهيو پئي، ته اُتي ڪم ڪجي جتي اها سڀ ٻنڌن نه هجن! اَسين آزاديءَ سان ڪجهه ڪري ڏيکاري سگهون!

جيتوڻيڪ اَڄ ڪلهه دبئيءَ ۾ به Maximum Competition آهي. اُتي عرب به آهن، پاڪستاني به آهن، روسي به آهن، اَئمريڪن به آهن، جاپاني به آهن ته ڪورين به آهن. ايتري ڪامپٽيشن واري ماحول ۾ پڻ ڪم ڪندي ڪيئن اَڳيان وڌي سگهجي، تنهن لاءِ اَسان به اُن کي هڪ Challenge ڪري ڪنيو.

**جوَهراڻي: توهان کهڙي فلاسافيءَ ۾ وشواس رکو ٿا. 'ٿوري ڪٽئي گهڻي برڪت'؛ اهو وڏن کان محاورو ٻڌل آهي ته پل ٿورو فائدو ملي، پر ڪاروان هلندو رهي!**

**نرنجن:** چاهي ته اَسان کي سوسائٽيءَ لاءِ ڪجهه پاڻ به Contribution ڪرڻ کپي! مالڪ اَسان کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي! سڀني جون Blessings به آهن! Good Wishes به آهن! هڪ ڳالهه جي تمنا رهندي آهي ته ڪجهه اَهڙو ڪم ڪجي، جو ماڻهن جي دل ڊاپجي وڃي. ڪو

اَهڙو پراجيڪٽ ناهجي، جو ماڻهو اُتي رهڻ وڃن، تہ ڪين شانتي ملي! خوشي ٿئي! ماڻهن کي اِئين لڳڻ کپي، تہ هيءَ بلڊنگ دل سان ناهيل آهي!

عام طور اِنڊين بلڊرس اَهڙيون Opportunities ڪڏهن بہ ڪونہ ڏيندا هئا. اَسان کان اَڳ وارا بلڊرس Economic Buildings ناهيندا هئا. هينئر اَسين Economic نہ، پر Value For Money ڏيون ٿا! پل اَسين سؤ روپيہ وڌيڪ بہ چارج ڪندا هونداسين، پر اُن لاءِ اَسين بہ سؤ روپين جون Amenities ڏيندا آهيون. جيئن ماڻهن کي اِئين محسوس ٿيڻ کپي تہ اِنڊين بلڊرس، دنيا ۾ سڀني کان سٺيون بلڊنگس ناهي سگهن ٿا! نہ تہ پهرين اِئين سمجهيو ويندو هو تہ اِنڊين بلڊرس صحيح ڪم ڪونہ ڪندا آهن! اِئين نہ ٿيڻ کپي!

جيئن اَسين بالي ووڊ ۾ Best Pictures ناهيندا آهيون، I.T. ۾ Best آهيون، اَسان هاسپيٽل ناهيون تہ بيسٽ ناهيون، اِسڪول ناهيون تہ بيسٽ ناهيون، رزلٽس بيسٽ اَچڻ کپن! بلڪل ان طرح جيڪڏهن بلڊنگ بہ ناهيون تہ لڳڻ کپي تہ هيءَ بيسٽ بلڊنگ آهي!

**جوَهراڻي:** **اِسٽيٽ گورنمينٽ توڙي سينٽرل گورنمينٽ ۾ توهان جو چڱو رسوخ آهي. اُتي ڪيترن ئي منسٽرس سان اَوهان جا بهترين ناتا رهيا آهن! ڇا اُنهن تعلقات مان ڪڏهن اَسان جي سنڌي سماج کي فائدو رسيو آهي؟**

**نرنجن:** مون کي نٿو لڳي تہ ڪير بہ اَسان سنڌين کي سهائتا ڪرڻ لاءِ تيار آهي! سبب اِهو آهي تہ اَسان جي جاتيءَ ۾ ايڪتا ڪونهي. جيڪڏهن اَسان کي ليڊرشپ کان صحيح درشٽي ملي تہ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو! پر مونکي لڳي ٿو تہ اَسان جو پاڻ ۾ ايڪو ڪونهي.

**جوَهراڻي:** **توهان جو مطلب آهي تہ اَسين اَڪيلي سر کهڙي بہ اوچائيءَ تي پهچي سگهون ٿا، پر جڏهن سماج جو گڏيل ڪم اَچي ٿو تہ ٻڌي نہ هئڻ ڪري فائدو نٿو رسي!**

**نرنجن:** رام! بلڪل صحيح ٿا چئو!

**جوَهراڻي:** **توهين هينئر تازو ڪراچي (سنڌ) ويا هئا. ڇا اُتي توهان پنهنجي پتا صاحب جو جنم اِستان، ڏٺو شهر ڏٺو؟**

**نرنجن:** ها ! ڏٺي ۾ ويس. اُتي سنڌ ۾ پيل مسلمان وڌيڪ ٿا رهن، پر اُهي بہ اَسان جي سنڌي ٻولي ئي ڳالهائين ٿا! اُنهن جي ٻولي ٻڌي ڏاڍي شانتي پئي محسوس ٿي! اِئين نہ پئي لڳو تہ هيءُ مسلمان آهي يا هندو آهي! مونکي لڳي ٿو تہ اَسان جو سنڌ سان بہ Relation رکڻ ضروري آهي؛ تہ هنن جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ڇا پيو ٿئي!

**جوَهراڻي:** **هينئر جڏهن ٻنهي ملڪن جا سياسي ناتا ٿورا سڌريا آهن، تہ توهين سمجهو ٿا تہ ملڪن جي ويجهو اچڻ سان اَسان جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ ٿي سگهندو؟**

**نرنجن:** اَڄ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ٩٩ سيڪڙو Institutions سنڌ ۾ آهن. هندوستان ۾ صرف 1% مس ٿيندا. جيڪڏهن اَسين اها ديوار ڪونہ هٽائينداسين؛ تہ اَسان جو وڌيڪ نقصان آهي، هُنن جو گهٽ آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌي مسلمان پڻ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ اَسان وانگر Struggle ڪري رهيا آهن! ڇا توهان ان ڳالهہ کي مڃو ٿا؟**

**نرنجن:** ها! اُتي بہ Struggle گهڻي آهي!

**جوَهراڻي:** **ڇيو وڃي ٿو تہ اُتي سنڌي ڳالهائڻ وارا وڌيڪ آهن، پر ساڌن گهٽ آهن ۽ اَسان وٽ ساڌن وڌيڪ آهن، پر ٻولي ڳالهائڻ وارا گهٽ آهن. اُن صورت ۾ ٻنهي جي ميلاپ مان فائدو ئي ٿيندو!**

**نرنجن:** اُتي تہ رستي تي گهمندڙ ماڻهو بہ اَڃا تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ پيا ڳالهائين. تڏهن جيڪڏهن اُنهن سان اَسان جو ناتو وڌي تہ اَسان کي ۽ اَسان جي ٻوليءَ کي بيحد گهڻو فائدو ٿي سگهي ٿو. جيئن توهان ٻڌايو تہ ساڌن اسان وٽ آهن!

**جوَهراڻي:** **هينئر ڪجهہ سال اَڳ توهين حيدرآباد (سنڌ) نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جا پريزيڊنٽ چونڊيا ويا آهيو، تہ توهان جي اَچڻ سان ڪاليجي اِدارن جي ڪارڪردگيءَ ۾ ڪو اَهم بدلاءُ آيو آهي؟**

**نرنجن:** اَسان جا بزرگ، خاص ڪري پرنسپال ڪي. ايم. ڪندناڻي، دادا هوتچند آڏواڻي....

**جوَهراڻي: ۽ توهان جو پتا ڊاڪٽر ايل. ايڇ. هيرانندائڻي!**

**نرنجن:** ڊاڪٽر ايل. ايڇ. هيرانندائڻي ۽ ٻيا بہ ڪيترا آهن! اهي سڀ اَسان جي Institutions جا بنياد ۽ Pillars آهن! هنن هيترن سالن ۾ چوڏهن Institutions ٺاهيون آهن! پر اُنهن جي خيالات اَلڳ هئي؛ تہ اَسين گهٽ پيسن ۾ ڪيئن Institutions ٺاهيون، جيئن اَسين وڌ ۾ وڌ ماڻهن تائين پهچي سگهون!

اها هنن جي فلاسافي هئي؛ Direction هئي؛ جنهن ۾ هو سؤ سيڪڙو ڪامياب بہ ويا! هينئر Revolutionary Changes آيون آهن. هيءُ نئون يگ آهي، جڏهن ماڻهن کي سڀ Facilities کپن. Best Facilities کپن. ورلڊ ڪلاس بلڊنگس کپن. ورلڊ ڪلاس Infrastructure کپي. اُنهن جي Direction اِئين ٺيڪ کپي، تہ اَسان جي پروفيسرس، اِسٽوڊنٽس ۽ مئنيجمينٽ کي وڌ ۾ وڌ Facilities ڏيئي ڪري ڪيئن اَڳيان وڌي سگهجي!

هينئر اَسان جي بورڊ گذريل سال اُلهاس نگر ۾ ٽي نوان ڪاليج کوليا. هڪ ’ناري گرسهاڻي لا ڪاليج‘، ٻيون آهي ’فارمسي ڊگري ڪاليج‘ ۽ ٽيون آهي ‘M.B.A. College’ جيڪو Under AICT آهي. اَسان هڪ سال اَندر اِهي ٽي نوان ڪاليج شروع ڪيا آهن. اُن لحاظ کان هينئر اَسان جي ڪاليجئيٽ بورڊ ۾ 55000 شاگرد، ممبئي يونيورسٽيءَ سان Affliliated آهن.

ماڻهن کي اَجا ايتري خبر ڪونهي تہ اَسان ڪيترو ڪم ڪيو آهي!

**جوَهراڻي: اَسان سنڌين جي ڪاليجئيٽ بورڊ کي ‘Minority Status’ مليل آهي. ان مان اَسان جي سنڌي سماج کي ڪهڙو فائدو ملي ٿو؟**

**نرنجن:** خاص ڳالهہ اِها آهي تہ اَسين پنهنجي ڪاليجن ۾ ‘Minority Status’ جو فائدو وٺي ٥٠% داخلائون پنهنجي سنڌي ٻارن کي ڏيون ٿا. ان ڪري اُنهن کي اِهو فائدو پهچي ٿو تہ اُهي ٻار گهٽ مارڪن باوجود بہ داخلا وٺي سگهن ٿا. ان کان سواءِ باقي ٻيو ڪوبہ فائدو ناهي ۽ اُهو لاڀ اَسان جا ڪيترا ئي ٻار وٺن پيا.

**جوَهراڻي:** **توهان جي ڪاليجن ۾ پنجونجاهه هزار شاگرد آهن، ته ڇا ٥٠% جي حساب سان ستاويهه اَٺاويهه هزار سنڌي ٻار، توهان جي طرفان جوڙيل ڪاليجن ۾ لاڀ وٺن ٿا؟**

**نرنجن:** نه! ڪنهن ڪنهن ڪاليج ۾ پنج ڪان ڏهه سيڪڙو آهن ته ڪنهن ڪاليج ۾ پنجاهه سيڪڙو ڪان به مٿي آهن. Over all سمجهجي ته تقريبا ٢٥% ڪن اَسان وٽ سنڌي ٻار آهن.

**جوَهراڻي:** **اَڳي اَسان جي سنڌي ڪاليجن ۾ ڪيترا ئي سنڌي سانسڪرتڪ پروگرام ٿيندا هئا. ڇا هينئر به اُهي ڪيا ويندا آهن؟**

**نرنجن:** اَسان جي سيني ڪاليجن ۾ ڪا نه ڪا سنڌي Activity هلندي رهندي آهي. جتي جتي پرنسپال ڪجهه وڌيڪ Initiative وٺي ٿو ۽ وڌيڪ Internal Feeling آهي؛ اُتي ڪجهه نه ڪجهه سانسڪرتڪ ڪم به ٿيندو رهي ٿو! ڇو ته اَسين شاگردن کي جيستائين آڪرشت نه ڪنداسين، تيسين ڪجهه نه ٿي سگهندو!

**جوَهراڻي:** **شاگردن کي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ طرف مائل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

**نرنجن:** اَسان وٽ مسئلو ڇا آهي، ته بمبئي جي ڪيترن ئي گهرن ۾ ڪير سنڌي ٻولي ڳالهائي نٿو. ان ڪري ڇا ٿو ٿئي، ته اُهي ٻار جڏهن ڪاليجن ۾ اَچن ٿا ته ڪين سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو به پروگرام ڪرڻ جي اِڇا به نٿي ٿئي! ٻي اَهم ڳالهه، ته جيڪي شاگرد سنڌي ٻولي پڙهڻ به اَچن ٿا، اُنهن مان ڪيترا وري اِنگلش ۾ ڪمزور هوندا آهن.

**جوَهراڻي:** **اَسان جي ڪيترين سنڌي ماتائن ۾ پرم هئو، ته جيڪڏهن اَسان جو ٻار سنڌي ميڊيم ۾ ويندو ته اَنگريزي نه سکي سگهندو ۽ دنيا جي رفتار سان نه هلي سگهندو. پر اَسان جا سڀ بزرگ، سنڌي ميڊيم سان ئي پڙهيل آهن.**

**اَڄ اَسان وٽ تمام وڏي شڪتي آهي. هيترا ڪاليج آهن. توهان جي حساب سان اَسان وٽ پنجونجاهه هزار شاگرد اَچن ٿا. ڇا اَهڙو ڪو رستو نڪري سگهي ٿو ته، داخلائن ڏيڻ وقت سنڌي**

**وشيہ کي Compulsory ڪيو وڃي؟**

**نرنجن:** منهنجي خيال موجب Compulsion سان مسئلو حل نہ ٿي سگهندو! اَسان کي شاگردن کي Attract ڪرڻو پوندو!

''We must attract them!We must pull them!''

وشيہ کي لازمي ڪرڻ سان شاگرد Minimum Marks کڻي پاس ٿي ويندا، پر ٻوليءَ ۾ رُچي ڪونہ وٺندا. جيڪڏهن اِسڪورنگ سبجيڪٽ هجي، تہ ڪيترا شاگرد French بہ کڻن ٿا. پر هوُ سنڌي وشيہ کڻڻ لاءِ تيار ڪونهن. ان ڪري اَسان کي ڪجهہ پلاننگ ڪرڻي پوندي. اَسين اَهڙا ڪجهہ Experiments بہ ڪري رهيا آهيون!

**جوَهراڻي: نرنجن! هينئر اَسين اَهڙي موڙ تي پهتا آهيون، جتي اَسان کي پنهنجن ٻارن کي بہ ٻڌائڻو ٿو پوي تہ اَسين سنڌي آهيون. جيڪڏهن اَهڙو حال رهيو تہ شايد ڪجهہ سال اَڳ جيڪي اَديب ٻوليءَ جي مُتجڻ جا شڪ شبها ڏيکاريندا هئا، ڪٿي اُهي سچ نہ ثابت ٿين! ان لاءِ اَسان کي ڪي ٺوس قدم کڻڻ کپن، جيئن ٻارن ۾ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهہ پيدا ٿئي!**

**اَسان جي شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جو ورثو اُنهن تائين پهچي. اُنهن کي لطف اَچي، فخر محسوس ٿئي تہ اَسين بہ هيڏي وڏي اَدبي خزاني جا مالڪ آهيون. ان لاءِ اوهان صحيح چيو تہ گهرن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ بيحد ضروري آهي. ڇو تہ هڪ ماتا، پنهنجي ٻار ۾ جيڪي سنسڪار وجهندي، اُهي ئي وڏي وڻ ٿيندا!**

**ٻي اَهم ڳالهہ آهي وديالين ۽ گروڪُل . اُتي بہ ڪنهن نموني سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو ڪري سگهجي ٿو!**

**نرنجن:** اَسان کي اُلهاس نگر ۾ ڪجهہ اِسڪول آهن، جيڪي ١٠٠% (سؤ سيڪڙو) Subsidized آهن. پهرين اُتي اُلهاس نگر ۾ اَسان وٽ ٻارهن سؤ شاگرد سنڌي وشيہ پڙهندا هئا، هينئر اُتي بہ صرف ١٤٠ شاگرد وڃي رهيا آهن. تہ اَهڙي ماحول ۾ Compulsory ڪرڻ سان گهڻو ڪجهہ ورڻو ناهي؛ جيسين ٻارن ۾ ٻوليءَ لاءِ چاهہ پيدا نہ

ڪيو ويو آهي! توهين صحيح ٿا چئو تہ چاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪو رستو ڳولهڻو پوندو!

اَسان وٽ جيڪو سنڌي ووڪل ڪلچر آهي. سنڌي سنگيت، سنڌي رنگ منچ؛ اُنهن کي وڌايو وڃي. Entertainment جي ماڌيم سان جيڪڏهن ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ٿئي تہ وڌيڪ بهتر آهي. اَسان پنهنجن ڪاليجن ۾ Sindhi Cricles ناهيون آهن. اُهي ڪجهہ پروگرام ڪندا رهندا آهن. منهنجي خيال ۾ هينئر اُن رستي اَسين شاگردن کي پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ڇڪي سگهنداسين!

**جوَهراڻي:** **تمام سٺي ڳالهہ آهي! توهان ايتريون ڪوششون ڪري رهيا آهيو! اَڄ اَسان جي سنڌي سماج جا سياسي حق ڪيتري قدر محفوظ آهن؟ اَسان جو راڄنيتيءَ ۾ ڪهڙو مقام آهي؟**

**نرنجن:** هاڻ ڏسو ! ايل. ڪي. آڏواڻي آهي، رام جيٺملاڻي آهي، حشو آڏواڻي هئو! ڳالهہ اِها آهي جو اَسان جا سنڌي ماڻهو بہ جڏهن ڪنهن پدويءَ تي پهچن ٿا، تہ خود اُهي پاڻ بہ سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو ڪونہ ٿا ڪن. اها ڏاڍي ڏک جي ڳالهہ آهي. هاڻ حالتون اَهڙيون اَچي ٿيون آهن، جو خود هو پاڻ بہ هڇڪچائين ٿا، تہ اَسان کي Sindhi Institutions کي اَڳيان آڻڻو آهي. اُهي پنهنجو پاڻ لاءِ سمجهن ٿا تہ اَسين هاڻ راشٽريہ پوزيشن تي پهچي ويا آهيون؛ پر هنن کي اِهو خيال هئڻ گهرجي تہ اَسان کي پهرين پنهنجي گهر کان شروع ڪرڻو آهي؛ پنهنجي سنسڪرتيءَ کان شروع ڪرڻو آهي؛ اُن کان پوءِ ئي اَسين پنهنجي ديش ۽ ملڪ تائين پهچي سگهون ٿا!

**جوَهراڻي:** **رام جيٺملاڻي تہ اَسان جي سنڌي ڪميونٽيءَ کي ڏاڍي Help ڪري رهيو آهي. پر عام طور اِهو ڏسڻ ۾ٿو اَچي تہ سنڌي جيڪڏهن Politics ۾ اَڳيان اَچي وڃن ٿا تہ اُهي وري مڙي پنهنجن سنڌين کي ايترو ياد بہ ڪونہ ٿا ڪن. ڇا اِها اَسان جي سماج جي ڪمزوري ليکبي؟**

**نرنجن:** Definitely! ڪمزوري آهي!

**جوَهرائي:** **ڪمزوري تہ ڏاڍو خراب اَثر ڇڏيندي آهي! ڇو تہ سوراخ ڪيترو بہ ننڍو ڇو نہ هجي، اُهو ڪڏهن ڪڏهن وڏا جهاز بہ ٻوڙي ڇڏيندو آهي! ڇا اِهو چنتا جو وشيہ ناهي؟**

**نرنجن:** بلڪل چنتا جي ڳالهہ آهي! پر جيستائين اَسان جا ليڊر اِهو ڌيان ڪونہ رکندا تہ هوُ پاڻ سنڌي ڪميونٽي ۽ سنڌي فيمليءَ سان تعلق رکن ٿا! جيستائين منجهن اَهڙي سوچ ڪونہ آئي آهي، تيستائين اُنهن مان ڪهڙي اُميد رکي سگهجي ٿي!

**جوَهرائي:** **اَڄ ڪنهن برجستي اَڳوان جي ضرورت آهي؛ جيڪو پاڻ کي وساري جاتيءَ جي آئينده جو سوچي!**

**نرنجن:** پاڻ کي وساري نہ! ڀل هو پنهنجي ليڊرشپ بہ ڪري، پر اُن سان گڏو گڏ هن وٽ پنهنجي ڪميونٽي ۽ پنهنجي ٻوليءَ جو بہ ويچار هئڻ گهرجي!

ڏسو نہ! اَسين پنهنجي گهر-ٻار، پنهنجي فيمليءَ جو ڪيئن ويچار ڪريون ٿا! بلڪل ساڳي طرح اَسان کي ڪميونٽيءَ لاءِ بہ سوچڻو آهي. سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بہ اوترو ئي ويچار ڪرڻو آهي!

**جوَهرائي:** **تہ ڇئبو اَجا اَسان وٽ هڪ وڏو خال آهي! اَسان وٽ نئين پيڙهي ۽ راڄنيتيءَ ۾ اَجا اَهڙا شخص ڪونہ اُڀريا آهن.**

**اُنهن سمورين ڳالهين باوجود اَسان سان اَڳوانن سنڌ ڇڏڻ وقت جيڪي واعدا ڪيا هئا، اُهي اَڄ سوڌو پورا ڪونہ ٿي سگهيا آهن. اُن بابت هڪ نوجوان جي حيثيت ۾ اَوهين ڇا ٿا سمجهو تہ اَسان کي اهي حق ملڻ کپن؟ ڪيتريون ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ اَسان جي جذبات سان جُڙيل آهن؛ جيئن ڪرنسيءَ تي اَسان جي ٻولي ۾ لکيل ڪونہ آهي. ٢٦ جنوريءَ تي سيني States طرفان جهانڪيون ڪڍيون وڃن ٿيون، پر اَسين سنڌي اُن کان وانجهيل رهون ٿا. توهان ڪڏهن اِهو سوچيو آهي تہ ان ڏس ۾ توهان جي رسوخ سان ڪجهہ بهتري آڻي سگهجي ٿي؟**

**نرنجن:** هاڻ جڏهن راشٽريہ گيت مان 'سنڌ' لفظ ڪڍڻ جي Controversy

ٿي هئي؛ تڏهن مون هڪ Statement ڏني هئي، تہ جيستائين اَسان سنڌين پنهنجي طاقت ڪونہ ڏيکاري آهي، تيستائين اَسان کي ڪير بہ Respect ڪونہ ڏيندو!

هاڻ اها طاقت ڪيئن ڏيکارجي! اَسين جهيڙا جهٽا ڪري اها طاقت ڏيکاريون؛ اُهو اَسان جي Genes ۾ آهي ئي ڪونہ! گجرات ، راجستان؛ مان تہ چوان ٿو تہ کھڙي بہ بلڪل اَجائي زمين: جيئن اَندمان، نڪوبار جتي Tsunami آئي آهي! اَسين گورنمينٽ کان گهر ٿا ڪريون تہ اَسان کي پل اَهڙي زمين تي ئي 'Sindhistan' ناهي ڏنو وڃي، هڪ سنڌي State ناهي وڃي! اَسان کي پل ڪنهن Desert ۾ بہ هڪ اِسٽيٽ ناهي ڏيو! اَسين رُڄ کي بہ دبئي ۽ سنگاپور جيان Prosper ڪري سگهنداسين!

**جوَهراڻي:** **اُن لاءِ اَسان کي وري Zero کان شروع ڪرڻو پوندو! ڇا اهو صحيح آهي؟**

**نرنڄن:** اُن ۾ Zero جو سوال ناهي! اِها هڪ چئلينج آهي! جهڙي نموني World War کانپوءِ جاپان پل Zero تي ويو، يا خود جرمني بہ هڪدم ختم ٿي چڪو هو؛ ساڳئي نموني اَسان جا سنڌي ماڻهو بہ اوچتو ئي اوچتو پنهنجي سنڌ ڇڏيندي وِشوَ ۾ ڦهلجندا ويا، تڏهن بہ هنن Prosper ڪيو.

اِئين جيڪڏهن هينئر بہ اَسان کي کھڙي بہ اِسٽيٽ ۾ هڪ نئين زمين ڏني وڃي. راجستان ۾....

**جوَهراڻي:** **راجستان يا ٻئي ڪنهن پرانت وارا تہ اَسان کي زمين ڏيندا ڪونہ! اَسان کي سرڪار جي طرفان کا Union Territory شايد ملي سگهي ٿي!**

**نرنڄن:** نہ! نہ! Union Territory بہ نہ! ڪنهن اِسٽيٽ جي اَندر بہ اَسان کي کٽي بہ 'Sindhistan' ڏنو وڃي. اَسان کي هڪ ننڍو شهر ڏنو وڃي! جنهن جي Economy هينئر پل Zero هجي. اَسان کي ڪجھ بہ نہ کپي! پل پاڻي بہ نہ هجي، بنجر زمين هجي؛ اَسين اُن کي بہ ناهي سگهون ٿا!

جيئن دبئي اَڄ ترقي ڪري چڪي آهي. اُتي ڪنهن وقت پاڻي بہ ڪونہ ملندو هئو. اَڄ اُتي بہ برسات شروع ٿي چڪي آهي. اِئين اَسان کي پاڻ ئي هڪ چئلينج ڪري ڪڻڻ کپي تہ اَسين سنڌي پاڻ ۾ گڏ ٿي هڪ جڳهہ ونون. اَسان جي طاقت اِها ٿيندي تہ اَسين 'Zero to Hero' ڪري ڏيکاريندا سين!

**جوَهراڻي:** **ڇا جيستائين اَسان کي پنهنجي زمين ڪونهي، جيستائين اَسان ۾ ٻڌي آئي ناهي؛ تيستائين اَسان کي راڄنيتي حق ملڻا ناهن؟ اَسان کي تہ ڪا بہ اِسٽيٽ پنهنجي زمين ڪونہ ڏيندي. وچ ۾ هڪ ٻيو سُجهاءُ بہ آيو هئو تہ اَسان لاءِ Landless Goverment ٺاهي وڃي! سنڌي سماج جي ڀهبودي، تعليم ۽ ٻين تمام سهوليتن لاءِ اَسان کي اوترا ئي حق واسطا ڏنا وڃن ۽ بجيٽ ڏني وڃي؛ جيتري ٻين پرانتن کي ڏني وڃي ٿي! ڇا اِها سوچ صحيح آهي؟**

**نرنجن:** منهنجي خيال ۾ اِهو صحيح ناهي! ماڻهوءَ کي هڪ مقرر جڳهہ ضرور هئڻ کپي

''We want a Symbol!''

جيئن هندوستان جو ٽرنگو جهندو آهي، جنهن لاءِ هزارين ماڻهو پنهنجي جان ڏيئي ڇڏيندا آهن. ساڳي طرح اَسان کي هڪ زمين هجي، جتي اَسين پنهنجو جهندو لڳائي سگهون تہ هيءَ اَسان جي زمين آهي. جيستائين هڪ Symbol نہ هوندي؛ هڪ بلڊنگ نہ هوندي تہ هيءُ سنڌي Capital آهي!

پل اها ننڍي Capital هجي! ٻہ ڪلوميٽر هجي تہ بہ بجا آهي! بس صرف هڪڙا ڏہ اسڪوائر ڪلوميٽرن جي اَسان کي ڪئپيٽل ڏني وڃي، جتي اَسين سنڌي پنهنجو Flag لڳائي سگهون! اَسان کي Sindhi Country ڪونہ کپي. Separate State بہ ڪونہ کپي. اَسان جي هڪ Separate Position تسليم ڪئي وڃي، جنهن لاءِ اَسين چئي سگهون تہ هيءُ اَسان جو گهر آهي! هيءُ اَسان ٺاهيو آهي.! جيئن هڪ Family Unit هوندو آهي! پل اَسان جو ننڍو گهر هجي؛ وڏو هجي يا هڪ Palace هجي؛ اُن سان فرق نٿو پوي!

گهر،گهر آهي. جيئن اَسان جي ڪاليجئيٽ بورڊ ۾ ننڍا Institutions آهن، جتي ٻه سؤ شاگرد به مس آهن؛ ٻيا وڏا Institutions آهن. جيئن چانديٻائي ڪاليج ، هڪ ئي اداري ۾ ڏهه هزار شاگرد آهن. هڪ ننڍي Institution لاءِ به چئي سگهبو آهي ته هيءَ اَسان جي Institution آهي! جيئن اَسان جا B.Ed. Colleges آهن. اُتي صرف ٻه چار سؤ شاگرد هوندا آهن، پر اُن Institution کي به هڪ Respect آهي. اُنهن کي هڪ آفيس آهي؛ انهن جو به پرنسپال آهي؛ هنن کي اِسٽاف آهي. اَهڙي طرح جيڪڏهن اَسين هڪ ننڍي جڳهه به ڪڍي اُن کي Develop ڪريون؛ جنهن کي سنڌين جي جاءِ چئي سگهون!

**جوَهراڻي:** **اَسان کي اُميد آهي ته ضرور اَسان کي ڪا نه ڪا اِسٽيٽ پنهنجي زمين ڏيندي، جتي اَسين پنهنجي سنڌ اَڏينداسين!**

**ڪجهه سال پهرين بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۽ سهيوگ فائونڊيشن جو هڪ سيمينار پئي هليو، جتي اَسان جا سڀ اَديب ويٺا هئا. اُن موقعي تي اَسان جي اَديبن اِها چنتا ڏيکاري ته اَسان جي سنڌي ٻولي ختم ٿي رهي آهي. تڏهن اُن وقت جي وائس چانسلر، ڊاڪٽر ڪارنڪ اَسان سان واعدو ڪيو ته ’ڪالينا ڪيمپس‘ ۾ مفت زمين ڏني ويندي، جتي اَسين پنهنجو ’سنڌي ڀاشا ڀون‘ ٺاهيون!**

**بعد ۾ اُها زمين ڏني ويئي، جتي دادا جشن واسواڻيءَ ’ ڀومي پوڄن‘ به ڪيو. اُن ’سنڌي ڀاشا ڀون‘ جي نرماڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ رقم به حيدرآباد (سنڌ ) نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان پنجويه لک روپيه ڏنل آهي. اُن جي اَڏاوت ۾ اَسين ڪيتري قدر اَڳيان وڌيا آهيون؟**

**نرنجن:** اُن ۾ اَڇا تائين ته ڪوبه واڌارو نه ٿيو آهي. ٽي چار مهينا پهرين، ممبئي يونيورسٽيءَ جي نئين وائيس چانسلر ڊاڪٽر وجئه ڪولي سان ملڻ ٿيو هئو. مون هنن کي پروپوزل ڏنو آهي ته اَسين ان بورڊ کي Re-Constitute ڪريون. جيترو به Initiative ڪپي، اُن ۾ اسان جو حيدرآباد (سنڌ) نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

اَسان سيني کي گڏجي ڪري اِهو اِدارو ٺاهڻ گهرجي! مون وائيس چانسلر کي هڪ ليٽر به موڪليو آهي ۽ اُميد آهي ته ان ڪم کي وري Re-Start ڪيو ويندو. هڪ عمارت هوندي، جنهن مان اسان کي ڪجهه Inspiration ملي سگهندي!

**جوَهراڻي: سنڌي ڀاشا ڀون ۾ اَسين پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي سلامت رکي سگهنداسين! لائبرري ٿي سگهندي؛ آڊيٽوريم ٿي سگهندو؛ اِسڪالرس لاءِ Conference Rooms ٿي سگهندا؛ ريسرچ سينٽر هوندا! اُن پروجيڪٽ کي جيڪڏهن اَسين جلدي ڪٽون ته سنڌي سماج لاءِ به هڪ وڏي فائدي واري ڳالهه ٿيندي!**

**اَهڙو ساڳيو ئي پروپوزل شايد توهان جي حيدرآباد (سنڌ) نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان پڻ ٺاهڻ جي رٿ آهي!**

**نرنجن:** نه! اَسين هينئر ڇا ٿا ڪيون ته اَسان جا جيترا به ڪاليج آهن، اُنهن ۾ جيترا به آڊيٽوريم آهن، اُنهن کي اَسين Re-Furnish پيا ڪريون! جيئن ڪي. سي. ڪاليج جو آڊيٽوريم هينئر تيار ٿي چڪو آهي؛ باندار ڪاليج جو ڪم هلي رهيو آهي. اَهڙي طرح هڪ هڪ آڊيٽوريم تي اَسين هڪ ڪروڙ خرچ ڪري رهيا آهيون جيئن اَسين پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ ٻين Activities کي بهتر نموني وڏائي سگهون! جيڪڏهن آڊيٽوريم ۾ سڀ سهوليتون هونديون، ته پوءِ ئي ڪجهه سڀيتڪ پروگرام ڪري سگهبا!

اُن لاءِ اَسين چار آڊيٽوريم گڏو گڏ Re-Furnish پيا ڪريون! ڪي. سي. ڪاليج، چرچگيٽ؛ نيشنل ڪاليج باندرا؛ واٽومل ڪاليج، ورلي ۽ چاندي ٻائي ڪاليج، اُلهاس نگر.

**جوَهراڻي: توهان نوجوانن کي ڪهڙو سنديش ڏيڻ چاهيندا؟**

**نرنجن:** پاڻ لاءِ ڪڏهن به اِئين محسوس نه ڪجي ته ٻيا ماڻهو اَسان کان وڌيڪ سٺو ڪم ڪري سگهن ٿا! هميشه اَسان جي Vision ۾ اِهو Aspiration هئڻ کپي ته اَسين پاڻ 'Best' ڪري سگهون ٿا!

گذريل سال جڏهن دادا جشن واسواڻيءَ جو Birthday هئو، ته مان پونا ويو هوس. تڏهن دادا هڪڙي ڳالهه چئي، ته هينئر اُهو ٽائيم

ٻہ گذري چڪو آهي، جڏهن ماڻهن کي 'Best' ڪم ڪرڻو هئو. هينئر توهان کي 'Better than the Best' ڪرڻو آهي!

'Best' ڪم تہ هندوستان ۾ سڀ ڪن پيا. ڪو جيڪڏهن اِئين چوي تہ هن ۾ مون Best-Efforts وڌا آهن پر سٺو ڪم ڪونہ ٿيو آهي، تہ اِئين ڪونہ هلندو! اَسان کي مستقبل ۾ پوري وِشوَ ۾

'Better than Best' ڪرڻو پوندو! پوري دنيا ۾ ٻہ جيڪڏهن ڪو سٺو ڪم ٿي رهيو آهي، تہ اَسان کي اُن کان ٻہ وڌيڪ سٺو 'Better than Best' ڪرڻو آهي! جيستائين اِهو ويچار ۽ اِها اِڇا اَسان جي دل و دماغ ۾ ڪونہ ايندي، تيستائين صحيح نموني واڌارو ڪونہ ٿي سگهندو!

**جوَهراڻي:** **مطلب تہ پياس پوري ٿيڻ نہ گهرجي! ندين کي پاڻ ۾ سمائڻ کانپوءِ ٻہ سمنڊ کي پياس باقي رهي ٿي!**

**نرنجن:** جيستائين اَسان ۾ اِها تمنا ڪونہ رهندي تہ هندوستان کي وِشوَ ۾ سيني کان بهترين ملڪ ٿيڻ کپي؛ تيستائين اَسين اَڳيان ڪونہ وڌي سگهنداسين!

جيڪڏهن مان ڊاڪٽر هجان، تہ اِهو ويچار هئڻ کپي تہ پوري دنيا ۾ ڪيڏا ٻہ بهترين ڊاڪٽر ڇو نہ هجن؛ پر مان انهن کان ٻہ وڌيڪ بهتر ڪم ڪندس! جيئن فلم اسٽار اَميتاڀ بچن! هيتري عمر ۾، هيتري Setback کانپوءِ ٻہ اَڳيان وڌي آيو! تيئن اَسان جو 'Effort' ٻہ 'Better than the Best' هئڻ کپي!

هاڻ جڏهن اَسان جي سنتن جو ئي اِهو ويچار آهي تہ:

''Don't be safisfied with the best! Do better than the best !''

تہ اَسان جا نوجوان جيڪڏهن اِهو سمجهي وڃن تہ

What is better than the best!
No body can touch them ! They will be the best !

**جوَهراڻي:** **توهان جي مهرباني! توهان جو اِهو سنديش اَسان جي نوجوان پيڙهي ضرور هنڊائيندي ۽ اُن مان لاڀ پائيندي! پنهنجو لڪش اوچو رکندا ۽ پنهنجي تقدير جا اَڏيندڙ خود پاڻ ٿيندا!**

**نرنجن:** مهرباني!